# ڏيهه ٿيو پرڏيهه

جانڪيءَ کي لڳو ڄڻ ڪو سال ئي ڪونه ٿيو هو. پورا پنجٽيهه سال گذاري چڪي هئي ساهرن ۾. هيئنر هوءَ ڏڪندڙ پڄندڙ هرڻيءَ جيان ڪين رهي هئي، جا ڏاڪڻ جلديءَ ڏاڪا ڳڏ ٽپندي لهندي هئي يا چوٽ تي چنڊ کي آرڳ ڏيڻ ويندي ته وڄندڙ ڪنجهي جهڙيءَ ڪل سان پاڙيسريءَ کڙڪڻي چڙهندي هئي. پوءِ جڏهن گهوٽس ڳالهه ڪئي ته سنڌ مان، سندس پيڪن جي ڳوٺ مان، ڪو مهمان اچي لٿو آهي پيدي تي، ته جانڪيءَ جي من ۾ هلچل مچي ويئي. گهوٽ کي چيائين "هاڻي جو هاڻي ٽيليفون ڪري، مهمان کي گهر ۾ گهرائي ڏينم." هو پيو ڪلي - "هن عمر ۾ به پيڪن جي ايڏي سڪ! ننڍڙيءَ نينگر جيان ڪٿي انگل ڪيو اٿيئي ته مهمان کي گهر ۾ گهرائي ڏي...."

جانڪي رسي پيئي ته گهوٽس چيو، "واه! تون ته ويهه سال ننڍي پيئي لڳين. چڱو ڀلا گهرائي ٿو ڏيانءِ مهمان!"

مهمان گهر ۾ آيو ته جانڪيءَ گهوٽس ڏاڍو هاءُ پاءُ ڪيس. ڪاڏي جي ٽانگهه لٿي ته جانڪيءَ جي گهوٽ چيو، "مان آفيس ٿو وڃان، تون هاڻي ويهي ڳوٺ جا احوال پڇيس."

جانڪيءَ واندي ٿي اچي مهمان جي اڳيان ويٺي. ڏاڍي حب مان پڇيائين، "سچ چئجانءِ ڪيول ڀاءُ، تون منهنجي ڳوٺ ۾ رهندو آهين. اُتان ئي آيو آهيان؟"

"ها، ادي! بلڪل ڳوٺان ئي آيو آهيان..."

جانڪيءَ جي چپڪن ڳلن ۾ ڪڏڙيون نهي پيئون. چيائين، ادا الاجي ڪيترا سال ٿيا جو ڳوٺ مان آيل ڪو پکيءَ نه ڏٺو اٿم. پريا 35 سال ٿي ويا آهن ملڪ جي ٿي ورهاڱي کي، پران وقت جو ماٺهو اڏاٽا آهن ڪڪڙن وانگر، ته داٿو نه مڙيو آجي داٽي سان. ماءُ پيءُ جي ٿي رڳو پٽڪ ملي هئم ته ويچارا مهاجرن هٿان مارجي ويا باقي بيو ڪٽنب ته اجلب معلوم ڪونهيم ته ڪيڏانهن ويو. وري اچ وڃ جا رستا نه روڪجن ها ته به چڱو. ماڻهن کي ناپرمٽي، تڏهن ته ڪو وڃي واءُ سواءِ ڄڻ اچجي ها ڳوٺ جو........ پر ويرائن ۾ پاسپورٽن پنهنجي جنم جي ڳوٺ کي هٽي ولائتين ڪانئه پري ڪري ڇڏيو آهي. ڪڏهن ته اهڙي چڪ ٿيندي اٿم ڳوٺ لاءِ جو رات رات پيئي جاڳندي آهيان."

ڪيول همدرد لهجي ۾ چيو، "ادي پنهنجي جنم ڀومي هونءَ شايد ايڏي ياد نه اچي پر ان کان پري هليو آءُ ته انجي هر شيءَ جڻ اکين اڳيان پيئي ڦري. پر ادي هاڻي اسانجو ڳوٺ، ڳوٺ ته رهيو اٿيئي، اصل شهر ٿي پيو آهي. آس پاس جي پسگردائين ۾ جو پانت پانت جي سامان ناهڻ جون فئڪٽريون ڪليوئون آهن ته شهر جي رونق ئي ٿي پيئي آهي...."

جانڪي، ڪيول ڏي نهاريندي، دور ڪٿي پنهنجي ڳوٺ جا نظارا ڏسي رهي هئي. ڪيول چيو، "نه رڳو ڳوٺ جي شڪل صورت ڦري ويئي آهي پر اصل ماڻهن جا وچار وهنوار به بدلجي ويا آهن."

"ڪيئن ڀلا!" جانڪيءَ ڏاڍي انتظار ڏيکاري.

"هڪڙو مثال ٿو ٻڌايانءِ، ٿورو وقت اڳ جي ڳالهه آهي. هڪڙو وڏو زميندار جيڪو ڳوٺ جو مکيءَ جي پٽ کي پڳ ٻڌڻ آيا ته چوڪرو وٺي ئي نه پيو ڇڏي. چي: اهي زمانلئي لڏي ويا، جڏهن مکي پڳ ٻڌي اوطاق تي ويٺو چلم ماني ٻڙڪا ڪيندو هو ۽ ڳوٺ جا هاري ناري اچي ڪيس سلام پريندا هئا. هاڻي ايترو وقت سو ڪنهنکي رکيو آهي. پنجن ٽين زماني جا، تن چيس: مڙيوئي ڪٿي سوڻ ڪريو هاڻي چلم چاجي، اوطاق چاجي؟"

جانڪيءَ ڪان ڪل نڪري ويئي.

ڪيول چيو، "ادي، اُج جي سنڌي جوانن کي سنڌ جي ذرتي سان ڏاڍو پيار آهي. توڙي لڏي ويل سنڌين لاءِ به ڏاڍي حب ۽ همدردي اٿن. سنڌي ٻولي لاءِ ته جان ٿا ڏين. قديم ورثي ۽ تهذيب کي قائم رکڻ ته سندن فرض ٿي پيو آهي."

جانڪيءَ جيڪي ٻڌو ويٺي سو ڪيس لڳين پئي لڳو جڻ ڏاڏو پري ڪان ڪو پرلاءُ پيو سندس اندوئين من تي پوي. فور ڪٿي ماضي جي تصويرن کي ڏسندي چيائين. ادا اسين جڏهن ننڍيون هيونسين تڏهن تون ڏسين ها اسان جو رهڻ ڪرڻ. انهن ڏينهن ٿيندي هئي ته پاڙي جون نياڻيون گهر گهر ۾ ڪلڻ نڪرنديون هيوسين. اڄن چانورن جي ڪچٽيءَ مٺان ڪنبهرڪي ڏينديون هيون. وڏي ٿالهي ۾ هٿ ڏوئي دعا جا چندا هٽندي. چونديون هيونسين: ان ڏي ڏن. ڏولي ۾ ننهن ڏي. ڪاڪو ڪلئي ڪوڪلا. جوٽس جٽي چوڪرا. اکڙيءَ ۾ ڪک. ڪاڪو ڪٿي آيو لڪ....“

هاڻي ڪيول جي ڪلڻ جو وارو هو.

جانڪيءَ چيو. ”گهڻو مزو ته ڪارڪتن ۾ لڳندو هو. جوان چوڪريون ٻهوورنيون گڏجي تلسيون يا نوميون رکنديون هيون. اهي تي ڏينهن سڀئي اسانکي ديويون ڪري پوڄيندا هئا. اسين به تڪاڻي ۾ ڏيئو ٻاري پوتي پائي پيا هڪبئي جي گهر ايندا سين ويندا سين. ڪل ڪل جا ڪنداسين بس گهٽيون گهمبا پيا وڃندا....“

ڪيول به پنهنجي شهر جي ساڳين ئي گهٽين پاڙن جو تصور ڪرڻ ۾ ڪوهيل هو. جيڪي اڄ به ڪيس لڏي ويلن لاءِ اداس اداس نظر ٿي آيا. آهستي چيائين. ”ادي!....“

مگر ادي ڪٿي ٿي ٻڌي. هوءَ ته پنهنجي ٻالپڻ جي ڏينهن جا خواب ڏسڻ ۾ مخمور هئي. چوندي پئي ويئي......”اسڪول وارا ڏينهن ته ڏاڍا مزي ۾ گذريا پر ڪاليج ۾ تهئين وڌيڪ خوشيون هيون. ڪاليج ڪو ڳوٺ ڪان گهڻو پري ڪين هو. پر ڪاليج ۾ پوتي ڪير پائي! بس ادا مون به تڏهن فراڪ ۽ ڪرتا سلوارون پائڻ شروع ڪيون . منهنجون ڪي سرتيون ته ساڙهيون پائي ايندي هيون ڪاليج ۾. اصل جوڙيون پيئون لڳنديون هيون. سندن شاديون به مونکان اڳ ٿي ويئون. مان ته اڃا به شادي ڪانه مڃان ها. چو ته مونکي ڊاڪٽرياڻي ٿيڻ تي ڏاڍي دل هئي. پر ڊاڪٽري پڙهڻ جو ڪاليج ته شهر ۾ به ڪين هو....“ جانڪي ڏاڍي دلگير نظر آئي.

ڪيول چيو. ”مگر هاڻي ته ميڊيڪل ڪاليج به آهي اسان وٽ. هتي ته نيون سرڪاري آفيسون اسپتالون. اسٽيشنون به اهڙين نهيل آهن. جو ڏسي اکيون چرخ ٿي ويندو.........“

ڪيول جي ڳالهه ٻڌي جانڪيءَ جي منهن تي ارمان جي ريکا اڃا به گهري ٿي ويئي. چيائين. ”ڏاڍي دل هئم ڊاڪٽر بڻجڻ تي پر ڪاليج به پورو نه ڪيم.“

ڪيول چيو. ”ادي توهان جي زماني ۾ الاجي ڪيتريون نياڻيون ڪاليج پڙهندون هيون پر هاڻي ته وڏو تعداد آهين زناني عالم جو. مزي جي ڳالهه ته اها آهي جو هاڻي نياڻيون به ڪوتائون. ڪهاڻيون الاجي چا چا پيئون لکن. اصل فصل لهي پيو آهي سنڌي ادبائن جو. ڪي شاهه سچل ساميءَ وارا بيت گيت پيئون لکن ته ڪي ٽئگور پريمچند ۽ شرت چندر وانگر ڪهانيون قصا پيئون لکن. ڪي ته ڪلئي علم ليڪچر به ڪن ۽ ريڊيو ٽي ويءَ تان پروگرام به پيئون ڏين. جوالڙين جو هر ڏس ۾ اڳتي قدم ڏسي توهين ته جيڪر ڏاڍو عجب کائو.“

جانڪيءَ وڏي اتساهه سان چيو. ”اڙي چوين ٿو رڳو عجب کائينديس مان ته ادا اڃلجي پيئي آهيان منهنجي ڳوٺ جون نياڻيون قصا ڪهاڻيون ٻهيت گيت لکڻ لڳيون آهن واه واه. مونکي ته پر هجن ته جيڪر اڏامي وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچان. مان ته آهيان ئي ڪهاڻين جي ڪوڏي. ادا ڪنواري هونديءَ به ياد ٿي اچيم. سڀئي ٻليءَ ۽ چاچي جي چوڏاري اسين چوڪريون سڀ ڪم ڪري وڃي وهندا هئاسين. سياري جا ڏينهن هجن........ سگريءَ تي هٿ پيا سيڪيون ته جهول مان ڏو ڏيون بادامين ۽ اکروٽ ڪيدي ڦوڙي پيا کائون. پر ڌيان هجي سچو قصن ٻڌڻ ۾. راماڻ مهاڀاري جون آکاڻيون. الف ليلا جا قصا. عمر ماروئي ۽ سسئي پنهون جون لوڪ ڪٿائون...... ڪيڏي رات ٿئين وينل ٻليءَ ۽ چاچن چاچين واتان ٻڌندا هئاسين. هڪ ڀيري ته عجب جهڙي ڳالهه ٿي گذري. گهر ۾ نانين جي روٽي هئي. مردن جي محفل ۾ دارون جو دور پئي هليو. روپين وٽين ۾ ڦوٽڻ ۽ مصري وارو دارون ڪنيو ڍڪ ڍڪ ڪري ويٺي پيئيائون. مٿان هو ڇهرن ۽ ڪوڪ پلي

تي وارو. اهڙي وايو منڊل ۾ هڪ ناٽي ڪامسين ۽ ڪامروپ جو قصو ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيو. قصو ٻڌيتن ۾ مٻرو ڙٻان ياد هوس. ٻُڌڻ جو شروع ڪيائين ته جو جتي سو تتي ٻيهي ويو. اوچتو اما وڏي وني ڏنيون اوچنگارون. ٻڌڻ ۾ اهڙو ڪو درد هو، جو اما کي پنهنجو ولايت واري ياد پيو ٻس ستا ڦٽ اکلي پيس. ٽيهه سال جو پٽ خط پٺئي نه لکيو هوس. ان ولايت واري جي ڪنوار ٻه اچي ڪراڙي ٿي هئي. مڙس جي وچوڙي ۾ ڳري ڪندا ٿي ويئي هئي. انجلب اهڙا ستا سور جاڳي پيا جو وچاري تتر وانگر اچي ڦٿڪي..... وچورو ڏاڍي ٻري چيز آهي ادا.... " چوندي چوندي جانڪي چپ ٿي ويئي. ڳرڙها سندس ٻنهي ڳلن تان لاٿون ناهي ٻئي وهيا.

اتي ڪيول ڏاڍي آترويلاسان چيو، "هيڳالهيون ته منهنجي امي ٻبلڪل ساڳيءَ طرح ٻڌائيندي آهي"

ڳوڙهن سان ٽمٽار اکيون متي ڪڻي جانڪيءَ پڇيو، "ڪير؟"

"منهنجي امي توهانجي شڪل ٻه گهڻو پيئي ملي ان سان. هوءَ ڪڏهن ڪهين ٻه چوندي آهي ته ورهاڱي وقت سرحد پار هڪ پيڻ پرڻجي ويئي هئي، تنهنجو نڪو ڏس نڪو پتو اٿم. ٻلو ٻه ڳالهه ڪندو آهي ته ورهاڱي وقت جڏهن ماڻهو گهر تڙ ڇڏي اٿي ڀڳا تڏهن ڪيترا ڪٽنب هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا. اسانجي امي ٻه ڪيس اسپتال ۾ ملي ٺئي. ورهاڱي جي ڦٽيلن ۾ ستايلن جي شيوا لاءِ اسپتالن ۾ ڪاڏو ٻئي وراهيو ته اميءَ سان ڏيٺ ويٺ ٿي ويس...."

جانڪيءَ تڪڙ ۾ پلڪ سان منهن اگهي چيو، "پاريتي ته ڪانهي تنهنجي ماءُ؟"

ڪيول جون اکيون ڦاٽي ويئون "هوءَ چوندي آهي ته اڳئين جنم ۾ پاريتي هئس."

"اڙي ٻلا..... منهنجا لال ڪيول تون ته منهنجو سڳو ڀاڻيجو آهين اسين زالون شاديءَ کانپوءِ واريءَ حياتيءَ کي چئون ٻئي ٻيو جنم، سو حق تي تنهنجي اميءَ توکي چيو آهي ته اڳئي جنم ۾ پاريتي هئس يعني پيڪو نالو پاريتي هئو

هاڻي ڪو جانڪيءَ جي ٻهم ٻهه کي ڏسي ها. گهوٽس جڏهن گهر ۾ قدم رکيو ته ڪيول کي ٻانهن کان ڇڪيندي، ٻڌو ٽا ....." چوندي سندس اڳيان وني ويئي. "هي اٿو منهنجو ڀاڻيجو منهنجي پيڻ ..... پاربتيءَ جو پٽ!.... ڪٿي اچي پرڏيهه ۾ ڏيهي مليو اٿم" چوندي چوندي وري اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. ڪيول، گهوٽس ڪيسجي ڳالهه پيرڪتي ڪري ٻڌائي. هن ٻه ڪيول کي ڪٽي گلي لڳايو. ڪيول جي ٻه چوند جهڙي گول ڇهري مٿان پنهنجائيءَ جي چاندوڪي ٻهڪي پيئي.

جانڪيءَ جي ته خوشيءَ جو پارئي ڪين هو. چوي پيئي، "ڪيول پٽ توکي ڏسي ته ٺئين پيئي سمجهان، ڄڻ سالن جي وڇڙيل پيڻ ملي آهي مونکي ڇا چوان توکي منا تون ته آهين اسان پينرن جي وچ ۾ پلٻن سرحدن جيوچ ۾ واٽ.."

اهو سڀ چوندي سندس نڪ جي ٻوندي وري ڳاڙهي ٿي ٿي ويئي.

گهوٽس چيو، "اڙي پر تون روئين چو پيئي؟ توکي ته هاڻي کلڻ گهرجي. هميشه پيئي سڪندي هئينءَ سنڌ ڏسڻ لاءِ، هاڻي ته پيٽين لڌي آهي ته هلي ٻلاڻو ڏيهه ڏيکاري ايندو سانءِ. اڙي اچ وچ ڏکي نه ڪر يڇڏين ها ته گهڻو اڳ وني هلان ها. ڇا ڪجي؟ ڏيهه ٻه جو پرڏيهه ٿي پيو آهي"